# نيڪين ۾ حصو ملايو

(09-October-2025)



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

9 آڪٽوبر 2025ع (بمطابق: 15 ربيع الآخر 1447ھ) تي سچي
پاڪستان ۾ دعوت اسلامي جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# نيڪين ۾ حصو ملايو!

هن بيان ۾ توهان ڇاٽي سگهندؤ…

- … دين جو هڪ اهم اصول
- … مَحمُود غَزنَوِي تي ڪَرَم ٿي ويو
- … اَبُوذَر غفاري جو بهترين اُٺ
- … هڪ جي عيوَض ۾ 20 لک

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ؕ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ؕ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

حضرت عَبْدُالرَّحْمٰن بن عَوْف رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ هڪ ڏينهن نبين جا سردار، مديني جا تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم دولت خاني (يعني مبارڪ گهر) مان باهر تشريف کڻي آيا ۽ هڪ باغ جي طرف رخ فرمايائون. حضرت عَبْدُالرَّحْمٰن بن عوف رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کين ڏٺو تہ سندن پويان پويان هلڻ شروع ڪيائون. پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم باغ ۾ داخل ٿيا، قبلي شريف جي طرف منهن ڪيائون ۽ مٿو مبارڪ سجدي ۾ رکي ڇڏيائون. حضرت عَبْدُالرَّحْمٰن بن عوف رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ پري کان بيهي اهو منظر ڏسندا رهيا. فرمائن ٿا تہ بيڪسن جي مددگار، سرڪارِ عالي وقار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم تمام گهڻو ڊگهو سجدو ڪيو، ايتري قدر جو مون کي خوف ٿيڻ لڳو تہ متان سجدي جي حالت ۾ ئي الله پاڪ سندن مبارڪ روح قبض نہ ڪري ورتو هجي. اهو خيال ايندي ئي مان اڳتي وڌيس ۽ ويهي رهيس. حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم سجدي مان مٿو مبارڪ کنيو ۽ پڇيائون: ڪير آهي؟ مون عرض ڪيو: حضور! عَبْدُالرَّحْمٰن. پڇيائون: ڪهڙو ڪم آهي؟ مون عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم! اوهان ايترو ڊگهو سجدو ڪيو جو مون کي خوف ٿيڻ لڳو تہ ڪٿي الله پاڪ سجدي ۾ ئي اوهان جو مبارڪ روح قبض نہ ڪري ورتو هجي.

(عاشقِ زار جي اهڙي محبت پري ڳالهہ بڌي، الله پاڪ جي آخري نبي،

رسولِ هاشمي، محمد عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم ايتري ڊگهي سجدي ڪرڻ جي حڪمت بيان فرمائي). فرمايائون: مون وٽِ جبرائيل اَمين عَلَيْهِ السَّلَام حاضر ٿيا ۽ ٻڌايائون: يا رسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم! الله پاڪ فرمائي ٿو: اي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم! جيڪو اوهان تي درود پڙهندو، مان اُنَ تي رحمتون نازل فرمائيندُس ۽ جيڪو اوهان تي سلام موڪليندو، مان ان تي سلامتي موڪليندس. اِنَ نعمت جو شڪر ادا ڪرڻ جي لاءِ مون ايڏو ڊگهو سجدو ڪيو. (1)

اَللّٰهُ اَكْبَر! اي عاشقانِ رسول! غور ته ڪريو! ۞ درود ڪنهن ڪي پڙهڻو آهي؟ اُمَّتي ڪي ۞ رحمت ڪنهن تي نازل ٿيندي؟ اُمَّتي تي ۞ سلام ڪنهن کي موڪلڻو آهي؟ اُمَّتي کي ۞ الله ڪريم جي سلامتي ڪنهن تي نازل ٿيندي؟ اُمَّتي تي ۞ ۽ سجدهءِ شڪر ڪير ادا ڪري رهيا آهن؟ امت جا غمخوار ۽ شفاعت فرمائڻ وارا، اُمَّت کي بخشرائڻ ۽ جنت ۾ پهچائڻ وارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم! سُبْحٰنَ الله! اندازو لڳايو! اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي اُمَّت سان ڪيڏو نه پيار آهي. الله! الله! اُمَّت گناهه ڪري، آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم راتيون روئي روئي گذارن، اُمَّت کي نعمت ملي، آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم شڪر جا سجدا بجا آڻن. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جا ڀاءُ، مولانا حسن رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا:

تم کو تو غلاموں سے ہے کچھ ایسی محبّت | ہے ترکِ اَدَب! ورنہ کہیں ہم پہ فدا ہو (2)

**وضاحت:** يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم! اوهان کي پنهنجي غلامن سان ايتري ته محبت آهي، اهو ادب جي خلاف آهي، نه ته اسان چئون ته اسان تي فدا آهيو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... مسند امام اَحْمَد، جلد:1، صفحه:522، حديث:1686۔
2... ذوقِ نعت، صفحه:211 ۔

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

**حديثِ پاڪ** ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات (عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[1]

**اي عاشقانِ رسول!** سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجهه سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون، نيت ڪريو! ۞ الله پاڪ جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ بَاادب ويهندس ۞ خوب تَوَجُّه سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس، ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڀلائيءَ جو رستو ٻڌائڻ وارو

روايت آهي ته هڪ دفعي هڪ صحابي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! مون کي سواري جي ضرورت آهي، عطا فرمايو!

محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: هن وقت سواري ته موجود نه آهي، هينئن ڪريو! فلاڻي انصاري وٽ وڃو، انهن کي چئو، هُو توهان کي سواري ڏئي ڇڏيندا. اهي صحابي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ٻڌايل انصاري وٽ پهتا، آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو پيغام کين ٻڌايائون، انهن هڪ اٺ اُنَ صحابي کي ڏنو. هي اهو اٺ وٺي ٻيهر بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! مون کي سواري جي لاءِ اُٺ ملي ويو آهي. آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اِنطَلِقْ، فَاِنَّ الدَّالَّ عَلَى الْخَيْرِ كَفَاعِلِهٖ **نيڪ آهي! وڃو...!! بيشڪ ڀلائيءَ جو رستو ٻڌائڻ وارو به ڀلائي ڪرڻ واري جيان آهي.**[2]

---

1... بخاری، کتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حديث:1۔
2... مسند ابیَ حنفيہ مع شرح ملا علی قاری، ذکر اسناد عن علقمہ بن مرثد، صفحہ:345 ملتقطاً۔

# جيڪو بہ گھرو حضور عطا فرمائيندا آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جا آقا و مولىٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سخي آهن، سخين جا بہ سخي آهن، سڀني کان وڌيڪ سخي آهن. اهڙي ڪا بہ شيءِ نہ آهي، جيڪا هِن پاڪ در تان نہ ملندي هجي.

کس چیز کی کمی ہے مولیٰ تیری گلی میں | دُنیا تیری گلی میں، عقبیٰ تیری گلی میں

۽ مولانا حسن رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جا تہ ڳالھ ڪئي آهي:

اُن کے طالِب نے جو چاہا پا لیا | اُن کے سائل نے جو مانگا مِل گیا [1]

اها ئي ڳالھ آهي، هن پاڪ در تان جيڪي گھربو آهي، سو ملندو آهي ۞ حضرت ابوهُريره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ حافظو گھريو هو، حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کين حافظو عطا فرمايو.[2] ۞ حضرت ربيعہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جنت گھري، کين جنت عطا ڪئي وئي.[3] ۞ ايتري تائين جو غزوهءِ بدر جي موقعي تي هڪ صحابي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ تلوار گُھري، محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کين وڻ جي ٽاري ڏني، اها ٽاري ئي تلوار بڻجي وئي. تلوار تہ نہ هئي، ٽاري هئي، حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو معجزن وارو هٿ لڳڻ سان، ٽاري تلوار بڻجي وئي.[4]

هتي ذهن ۾ اِهو سوال پيدا ٿي سگھي ٿو تہ هن دَرِ دولت تي انڪار جي تہ گنجائش ئي نہ آهي. جيڪي زمين تي رَهِي جنت ورهائي سگھن ٿا، انهن کان سواري جي لاءِ جانور گھريو ويو، محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سواري نہ ڏني، فرمايائون: فلاڻي صحابي کان وٺجي وٺو...!! آخر ان ۾ ڪهڙي حڪمت هئي...؟

هڪ حڪمت جيڪا سمجھ ۾ اچي رهي آهي، اها هِيءَ تہ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجن سڀني اُمَّتين سان پيار آهي. محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو مزاج پاڪ ئي اهڙو آهي جو ڪنهن بہ سواليءَ کي خالي نہ

---

1... ذوقِ نعت، صفحہ:34۔

2... بخاری، کتاب العلم، باب حفظ العلم، صفحہ:105، حدیث:119 ملخصاً۔

3... بخاری، کتاب العلم، باب حفظ العلم، صفحہ:105، حدیث:119 ملخصاً۔

4... دلائل النبوۃ للبیہقی، جلد:3، صفحہ:99 ملخصاً۔

موتائيندا آهن.

منگتا کا ہاتھ اُٹھتے ہی داتا کی دِین تھی | دُوری قبول و عرض میں بَس ہاتھ بَھر کی ہے[1]

شان اهو آهي ته ڪو به سوالي خالي نه موٽندو آهي، پر سيرت پاڪ جي هن انداز مان امير ماڻهو ته فيض حاصل ڪري سگهن ٿا، جيڪي ڪروڙ پتي آهن، ارب پتي آهن، جن وٽ پئسي جي ڪا کوٽ نه آهي، اهي ته هن اداءِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي اختيار ڪري سگهن ٿا ته جڏهن به سوالي اچي، خالي نه موٽايو وڃي، پر جيڪي غريب آهن، اهي هن ادا کي ڪيئن ادا ڪري سگهندا؟ جيئن ته محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي غريب اُمَّتين لاءِ هڪ ادا اختيار ڪئي. صحابي آيا، سواري گهريائون، حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سواري عطا نه فرمائي، رستو ٻڌايو ته فلاڻي صحابي ڪان وڃي وٺو، پوءِ فرمايائون: اِنَّ الدَّالَّ عَلَى الْخَيْرِ كَفَاعِلِهٖ بيشڪ ڀلائيءَ جو رستو ٻڌائڻ وارو به ڀلائي ڪرڻ واري جيان آهي.

جڻ ته غريبن کي اهو درس ڏنو پيو وڃي ته اي اُهي ماڻهو! جيڪي صدقو نه ٿا ڪري سگهو، اي اهي ماڻهو! جيڪي خدا جي راهه ۾ لکين ڪروڙين رپيا خرچ نه ٿا ڪري سگهو، توهان وسيلو بڻجندا ڪريو! ڏيڻ وارن ڪان وٺي وٺڻ وارن تائين پهچائيندا ڪيو! ۞ ڪنهن شخصيت ڪان وٺي مسجد تائين پهچايو! ۞ اميرن ڪان وٺي مدرسن تائين پهچايو! توهان جو انهن وچ ۾ واسطو بڻجڻ، مصطفيٰ جي ادا به آهي ۽ ثواب ڪمائڻ جو ذريعو به آهي.

## دين جو هڪ اهم اصول

پيارا اسلامي ڀائرو! حديث پاڪ ۾ جيڪو ارشاد ٿيو، اهو اصول آهي. ان کي پنهنجي ذهن ۾ ويهاري ڇڏڻ گهرجي! اِنَّ الدَّالَّ عَلَى الْخَيْرِ كَفَاعِلِهٖ ڀلائيءَ جو رستو ٻڌائڻ وارو ڀلائي ڪرڻ واري جيان آهي.

علامه مُناوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي حوالي سان جيڪا گفتگو فرمائي آهي اَن جو مفهوم هي آهي ته ڀلائيءَ جو رستو ٻڌائڻ واري ڀلائيءَ

1... حدائق بخشش، صفحه:228.

جو رستو ڏيکاريو، مثال طور: ۞ هن ڪنهن کي نماز جي دعوت ڏني ۞ ڪنهن کي تلاوت جي ترغيب ڏياري ۞ ڪنهن کي خدا جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ جو ذهن ڏنو ۞ ڪنهن امير شخصيت کي چيو: فلاڻو مدرسو آهي، جنهن ۾ ٻارن کي حفظ ۽ ناظره جي تعليم ڏني ويندي آهي ۞ دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ نيڪيءَ جي دعوت عام ڪري رهي آهي، اوهان اسان سان مالي تعاون فرمايو. يعني هن نيڪيءَ جي دعوت ڏني، هاڻي ٻه صورتون ٿينديون:

**(1):** پهرين صورت اها ته سامهون واري نيڪيءَ جي دعوت قبول ڪئي، هن نمازون پڙهڻ شروع ڪري ڇڏيون ۞ تلاوت ڪرڻ لڳو ۞ خدا جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ لاءِ مالي خدمت ڪئي، هن صورت ۾ جيڪو نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ وارو آهي، ان کي به اوترو ئي ثواب ملندو، جيترو ڪم ڪرڻ واري کي ملي رهيو آهي، مثال طور هن هڪ لک روپيا دين جي خدمت لاءِ پيش ڪيا ته نيڪي جي دعوت ڏيڻ واري کي به هڪ لک روپيا خرچ ڪرڻ جو ثواب ملندو.

**(2):** ٻي صورت اها ته هن نيڪيءَ جي دعوت ڏني، پر سامهون واري نه مڃي، هن صورت ۾ ڪيس نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ جو ثواب پوءِ به ملندو.[1]

يعني ڪنهن به صورت ۾ نقصان نه آهي، هي جيڪو نيڪيءَ جي ڪم ۾ وسيلو بڻجڻ وارو شخص آهي، نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ وارو خوشنصيب آهي، هن جون ته چارئي آڱريون گيهه ۾ آهن، سامهون وارو ڳالهه مڃي ته به ثواب، جيڪڏهن نه مڃي تڏهن به ثواب ئي ثواب آهي.

## وَهندڙ درياءَ مان هٿ ڌوئڻ

هڪ چَوِڻي آهي: **وَهندڙ درياءَ مان هٿ ڌوئڻ.** يعني درياءُ وهي رهيو آهي، ان کي وهڻو ئي آهي، رڪڻو ناهي، وهندڙ پاڻيءَ مان اسان به پنهنجا هٿ ڌوئي وَٺُون. فائدو ٿي ويندو.

مطلب هي آهي ته نيڪي آهي، اها ٿي رهي آهي، ٿيڻي آهي، نيڪيءَ جو ڪم، دين جو ڪم ٿيندو ئي رهندو، رڪجڻ وارو ناهي. جيڪڏهن اسان وچ

1... فيض القدير، جلد:3، صفحه:716، زيرِ حديث:4246 مفصلاً.

۾ ذريعو بڻجي وجون، نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ وارا بڻجي وجون، ترغيب ڏيڻ وارا بڻجي وجون، هن نيڪيءَ جي ڪم ۾ حصو ملائڻ وارا بڻجي وجون ته ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللهُ الڪريم! اسان به ثواب جا حقدار بڻجي ويندا سين. لٰهذا اهو ذهن ۾ ويهارڻ گهرجي ته نيڪيءَ جو ڪم ٿي رهيو آهي، ان ۾ حصو ضرور شامل ڪرڻو آهي.

## نيڪ ڪم ۾ مددگار ٿيو!

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمايو آهي:

وَ تَعَاوَنُوْا عَلَى الْبِرِّ وَ التَّقْوٰى ۪ وَ لَا تَعَاوَنُوْا عَلَى الْاِثْمِ وَ الْعُدْوَانِ ۪ (پارو: 6، سورة مائدة: 2)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ نيڪي ۽ پرهيزگاريءَ تي هڪ ٻئي جي مدد ڪريو ۽ گناهه ۽ زيادتيءَ تي هڪ ٻئي جي مدد نه ڪريو.

حضرت سفيان بن عُيَيْنَہ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: نيڪيءَ جي ڪم ۾ مدد ڪرڻ جون مختلف صورتون آهن: **(1):** توهان پاڻ نيڪيءَ جو ڪم ڪريو (اها به نيڪيءَ تي مدد آهي جو اوهان ڪي ڏسي، ڪيترن کي اهو ڪم ڪرڻ جي ترغيب ملي ويندي) **(2):** اوهان نيڪيءَ جي دعوت ڏيو، اها به نيڪيءَ تي مدد آهي. **(3):** ڪو نيڪي ڪري رهيو آهي، توهان ان جا مددگار بڻجي وڃو **(4):** صرف نيڪي ڪرڻ جو رستو ئي ٻڌايو.[1]

اهي سڀ نيڪيءَ تي مدد ڪرڻ جون صورتون آهن. انهن مان ڪهڙي به صورت اختيار ڪريو، بس نيڪيءَ تي مددگار بڻجي وڃو. اسان نيڪيءَ تي مددگار بڻجنداسين ته اِنْ شَآءَ اللهُ الڪريم! ثواب جا حقدار بڻجي ويندا سين.

## نه ڪَرڻ وارو، ڪَرڻ وارو بڻجي ويو

ڪيترائي اهڙا ڪم آهن، جيڪي اسان ڪري ئي نه ٿا سگهون. مثال طور:

---

1... حلية الاولياء، جلد:7، صفحه:334 بتصرف۔

۞ تفسير لکڻ ڪيترو نه اهم ڪم آهي، ديني ڪتاب لکڻ، ڪيڏو ثواب جو ڪم آهي. جيڪو اخلاص سان ديني ڪتاب لکندو آهي، جيستائين اهو ڪتاب پڙهيو ويندو، ان جي ذريعي هدايت ورتي ويندي، اِنْ شَآءَ الله الكريم! لکڻ واري کي ثواب ملندو رهندو. ڪم ته وڏي فضيلت وارو آهي، پر اسان کي دڪان هلائڻ ته ايندو آهي، ڪتاب لکڻ نه ايندو آهي ۞ سڄو ڪارخانو سنڀالي ويندا آهيون، 25 ملڪن ۾ ڦهليل ڪاروبار هڪ فرد سنڀالي رهيو هوندو آهي، اهو ته ڪري ويندا آهيون، پر ڪتاب لکڻ نه ايندو آهي، اِها ڪتاب لکڻ جي فضيلت اسان ڪيئن حاصل ڪريون؟ اصول ٻڌايو ويو: **نيڪيءَ تي مددگار بڻجي وڃو! اوهان به ثواب ۾ حصيدار ٿي ويندؤ.** تنهنڪري جيڪي ڪتاب لکڻ وارا آهن، انهن جي ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان خدمت ڪريو ۞ دل ۾ حسرت آهي ته ڪاش! مون کي قرآن ڪريم حفظ ڪرڻ جي سعادت ملي وڃي ها، پر نه ملي سگهي. هاڻي ڇا ڪجي؟ جيڪي حفظ ڪرڻ وارا آهن، انهن جي مدد ڪريو ۞ دل ۾ ارمان آهي ته ڪاش! مون وٽ پئسو هجي ها ته مان دين جي خدمت لاءِ لکين رپيا خرچ ڪريان ها، پر ايتري رقم ته نه آهي، هاڻي ڇا ڪجي؟ اَلدَّالُّ عَلَى الْخَيْرِ كَفَاعِلِه (ڀلائيءَ جو رستو ٻڌائڻ وارو، ڀلائي ڪرڻ واري جيان آهي). جيڪي پئسا وارا آهن، انهن کان پئسا وٺي دين جي خدمت تي لڳايون، اسان وچ ۾ ذريعو بڻجنداسين ته اِنْ شَآءَ الله الكريم! اسان به ثواب جا حقدار ٿي وينداسين.

## پنهنجو سامان هِن کي ڏئِي ڇَڏِ...!!

**مسلم شريف** جي حديث پاڪ آهي: هڪ دفعي هڪ صحابي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا، عرض ڪيائون: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! مان راهِ خدا ۾ سفر ڪرڻ چاهيان ٿو، پر مون وٽ اسباب نه آهن. آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: فلاڻي صحابي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ وٽِ وڃو! اُن خدا جي راهه ۾ سفر ڪرڻ جي لاءِ سڄي

تياري ڪري ورتي هئي، پر هو بيمار ٿي پيو آهي. هن کي چئو تہ رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: پنهنجو سڄو سامان مون کي ڏئي ڇڏيو. جيئن تہ اهي صحابي اُنَ صحابيءَ وٽِ پهتا، ڪين مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو پيغام ٻڌايائون، جنهن تي هن خوشي خوشي پنهنجو مڪمل سفر جو سامان ان صحابي کي ڏئي ڇڏيو.[1]

هاڻي ڏسو! انهن تياري ڪئي آهي پر خدا جي راهہ ۾ سفر نہ ٿا ڪري سگهن. بيمار ٿي پيا آهن، پنهنجو سامانِ سفر ٻئي کي ڏئي ڇڏيائون، هاڻي سفر اهو ڪندو، ثواب سفر ڪرڻ واري کي بہ ملندو ۽ سامان ڏيڻ واري کي بہ ملندو.

سُبْحٰنَ الله! اها آهي نيڪيءَ تي مدد ڪرڻ جي فضيلت...!! اسان کي گهرجي تہ ڪا بہ نيڪي توڙي اها اسان پاڻ ڪري سگهون يا نہ ڪري سگهون، ٻين جي ان نيڪيءَ تي مدد ضرور ڪريون. ائين ڪرڻ سان اِنْ شَآءَ الله الڪريم! اسان بہ ثواب جا حقدار بڻجي وينداسين.

## نيڪين ۾ پنهنجو حصو ملايو...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! اها شيءِ اسان جي مزاج ۾ شامل ٿي وڃڻ گهرجي، نيڪين جو حِرصُ هجي، ھيءَ نيڪي بہ مان ڪريان، هُوءَ نيڪي بہ مان ڪريان، ڪابہ اهڙي نيڪي نہ هجي، جيڪا منهنجي اعمالنامي ۾ شامل نہ هجي، اهڙو حِرصُ اسان کي هجڻ گهرجي.

هاڻي مسئلو اهو آهي تہ سڀ نيڪيون مان اڪيلو ڪيئن ٿو ڪري سگهان؟ ان جو حل اهو آهي تہ جيڪا نيڪي پهريان ئي ٿي رهي آهي، اسان ان ۾ پنهنجو حصو شامل ڪري ڇڏيون. جيڪو حصو اسان ملائي سگهون ٿا، اهو ملايون. الله پاڪ جيڪا صلاحيت ڏني آهي، اها نيڪيءَ جي ڪم ۾ شامل ڪريون ۞ الله پاڪ پئسو ڏنو آهي، نيڪيءَ جي ڪم لاءِ پئسا فراهم ڪريون ۞ الله پاڪ سني سوچ عطا فرمائي آهي، نيڪيءَ جي ڪمن لاءِ مشورو پيش

1... مسلم، كتاب الامارة، باب فضل اعانة الغازى فى سبيل الله...الخ،صفحہ:756،حديث:1894بتغير۔

ڪريون ۞ ڳالهائڻ جي صلاحيت تہ سيني کي مليل آهي، جيڪڏهن ٻيو ڪجھ بہ نہ ٿا ڪري سگھون تہ ان نيڪ ڪم ڪرڻ جي ترغيب ئي ڏياريون. اِنْ شَآءَ اللهُ الکریم! ثواب ملي ويندو.

**حديث پاڪ ۾ آهي:** هڪ تِيرُ جيڪو الله پاڪ جي راهہ ۾ هلايو ويندو آهي، ان جي ذريعي **3** ماڻهن جي بخشش ڪئي ويندي آهي، **(1):** تِيرُ ناهڻ واري جي **(2):** تِيرُ ماڻهن تائين پهچائڻ واري جي **(3):** تِيرُ هلائڻ واري جي.[1]

تِيرُ هڪ هليو آهي، هلائڻ وارو بہ هڪ آهي، پر بخشش **3** ماڻهن جي ٿي رهي آهي چاڪاڻ تہ ٻين ان ۾ پنهنجو حصو شامل ڪيو آهي.

## محمود غَزنَوِي تي ڪرم ٿي ويو

**ڪتابن ۾ لکيل آهي:** سلطان محمود غزنوي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه، جيڪي پنهنجي دور جا تمام وڏا سُلطانَ ۽ عاشقِ رسول ٿي گذريا آهن، پاڻ ٽن ڳالهين جي حقيقت ڄاڻڻ جي جستجو ۾ هئا: **(1):** پهرين اها تہ پياري آقا صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي هِنَ فرمان: اَلْعُلَمَاءُ وَرَثَۃُ الْاَنْبِيَاءِ (يعني عالِمَ نبين جا وارث آهن) مان ڪهڙا ماڻهو مراد آهن؟ **(2):** ٻي اها تہ چا منهنجي والد جو نالو **سَبُڪْتِگِين** ئي آهي يا مان ڪنهن ٻئي جو پٽ آهيان؟ **(3):** ٽين اها تہ چا منهنجي بخشش ٿيندي يا نہ؟

هڪ رات سلطان محمود غزنوي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْہ پنهنجي لشڪر سان گڏ ڪيڏانهن وڃي رهيا هئا، هڪ خادم شمعدان (يعني روشنيءَ جو سامان) کڻي لشڪر جي اڳيان اڳيان هلي رهيو هو.

روشني ڏسي هڪ شخص ڪتاب کڻي پنهنجي گھر مان ٻاهر آيو ۽ شمعدان جي روشنيءَ ۾ ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيائين. سلطان دل ۾ سوچيو تہ شايد هي ڪي عالِمِ دين آهن ۽ سندن عزت ڪندي لشڪر کي روڪي ڇڏيائين تہ جيئن هو آرام سان شمعدان جي روشنيءَ ۾ مطالعو ڪري وٺن. مطالعو ختم ڪرڻ

1... ابو داود، کتاب الجہاد، باب فی الرمی، صفحہ:402، حديث:2513۔

ڪان پوءِ جڏهن اهي بزرگ واپس پنهنجي گهر هليا ويا تہ سلطان پنهنجي لشڪر سان گڏ اتان روانو ٿي ويو.

انهيءَ ئي رات سلطان محمود غزنوي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي قسمت جو ستارو چمڪي پيو. رات جو سمهيا تہ سندن نصيب جاڳي پيو، خواب ۾ ٻنهي جهانن جا تاجدار، مڪي مدني سرڪار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تشريف فرما ٿيا ۽ قربان وڃجي! محبوبِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ ئي جملو ارشاد فرمايو: **اي ناصر الدين سَبُڪتگين جا پٽ! منهنجي وارث (عالمِ دين) جي خدمت جي ڪري اللّٰه پاڪ توکي بخشي ڇڏيو آهي.** (1)

سُبۡحٰنَ اللّٰہ! ڇا تہ شان آهي منهنجي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو...!! اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ! اللّٰه پاڪ جي فضل سان پيارا محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم زنده بہ آهن، نہ صرف پنهنجي اُمَّت جي ظاهري احوالن، پر دلي خيالن کان بہ آگاهہ آهن. پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اهو بہ ڄاڻن پيا تہ محمود غزنوي هڪ عالمِ دين جي خدمت ڪئي آهي ۽ اها بہ ڪين خبر هئي تہ محمود غزنوي جي دل ۾ ٽن ڳالهين کي ڄاڻڻ جي جستجو آهي، تنهنڪري هڪ ئي مبارڪ جملي ۾ ٽنهي ڳالهين کي حل فرمائي ڇڏيائون: **(1):** فرمايائون: اي سَبُڪتِگين جا پٽ! ان مان سلطان کي معلوم ٿيو تہ مان واقعي سَبُڪتِگين جو پٽ آهيان **(2):** پوءِ فرمايائون: تون منهنجي وارث جي خدمت ڪئي آهي، جنهن مان کين سچي عقيدن جي حامل عاشقانِ رسول عالمن جي سڃاڻپ ٿي وئي **(3):** پوءِ فرمايائون: اللّٰه پاڪ توکي بخشي ڇڏيو آهي، ان مان کين معلوم ٿيو تہ هو بخشيا ويا آهن.

اُمّت کے حال سے وہ آگاہ ہر گھڑی ہیں | خوابوں میں آ رہے ہیں، بگڑی بنا رہے ہیں

سُبۡحٰنَ اللّٰہ! جيڪي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم خواب ۾ تشريف فرما ٿي اهڙو بي مثال ڪلام فرمائيندا آهن، تہ پوءِ سندن سامهون واري ڪلامِ ذيشان جو ڪيڏو نہ شان هوندو...!! اعلىٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ لکن ٿا:

---

1... قلادة النحر فی وفيات اعيان الدہر، جلد:3، صفحہ:358بتصرف۔

ميں نثار تيرے کلام پر ملی يُوں تو کس کو زباں نہيں
وہ سخن ہے جس ميں سخن نہ ہو، وہ بياں ہے جس کا بياں نہيں (1)

**وضاحت:** يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! اهلِ زبان ۽ قادر الڪلام تہ ڪيترائي آهن ۽ انهن جي ڪلام تي اعتراض ڪرڻ وارا بہ گهڻا آهن، پر مان اوهان جي ڪلام تي، اوهان جي بيان تي قربان وڃان، ان ڪلام تي تہ ڪو اعتراض ٿي ئي نہ ٿو سگهي ۽ بيان تہ اهڙو آهي جنهن جو ڪو جواب ئي نہ آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! هن واقعي ۾ غور ڪريو! سلطان محمود غزنوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه چا ڪيو هو؟ صرف ٿوري دير جي لاءِ رڪجي عالمِ دين کي روشني فراهم ڪئي هئي. اهو عالم صاحب جيڪو نيڪيءَ جو ڪم ڪري رهيو هو، ان ۾ پنهنجو ٿورو حصو شامل ڪيائون، ان جي برڪت سان، محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم مٿن ڪرم فرمايو، پنهنجو جلوو بہ ڏيکاريائون ۽ ڪين بخشش جي خوشخبري بہ ٻڌايائون.

اسان کي بہ پنهنجي عادت بڻائڻ گهرجي تہ جيڪا نيڪي ٿي رهي آهي اُها ٿي ئي ويندي. پر جيڪڏهن اسان بہ ان ۾ پنهنجو حصو شامل ڪنداسين تہ فائدو ٿي ويندو.

## نيلي ٿون ۾ حصو ملايو!

اَلحمدُلِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوت اسلامي سڄي دنيا ۾ نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي. اَلحمدُلِلّٰه! ❀ ڪنزالمدارس بورڊ جي نالي سان دعوت اسلامي جو پنهنجو تعليمي بورڊ آهي. ❀ تقريباً **20 هزار 235** جامعات ۽ مدارس المدينہ (بوائز ۽ گرلز) قائم آهن، جن ۾ حفظ ۽ ناظره، عالم ڪورس (درس نظامي)، مختلف تخصصات (*Specialization*) ۽ فرض عُلوم ڪورس ڪرايا ويندا آهن ❀ جامعات ۽ مدارس المدينہ (بوائز ۽

1... حدائق بخشش ،صفحه:107 ـ

گرلز) ۾ طلباء جو تعداد لڳ ڀڳ **5 لک 65 هزار 695** آهي ❀ وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن کي قرآن ڪريم جي تعليم ڏيڻ جي لاءِ هزارين مدارس المدينہ بالغان ۽ بالغات لڳايا ويندا آهن، جن ۾ پڙهڻ وارن اسلامي ڀائرن ۽ ڀينرن جو تعداد لکن ۾ آهي ❀ فيضان آن لائن اڪيڊمي جي ذريعي تقريباً **27 هزار** طلباء ۽ طالبات ديني تعليم حاصل ڪري رهيا آهن، جڏهن تہ **60 هزار** کان وڌيڪ شاگرد مختلف ڪورس مڪمل ڪري چڪا آهن. ❀ هن وقت تائين تقريباً **21 دارالافتاء اهلسنت** قائم ڪيا ويا آهن، جن ۾ شرعي رهنمائين جو تعداد ماهوار تقريباً **20 هزار** آهي ❀ المدينۃُ العلميہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر) جي ذريعي ديني لٽريچر تي تحقيقي ڪم سرانجام ڏنو پيو وڃي، اَلحمدُلِلّٰہ! هن شعبي جي تحت هن وقت تائين **2045 ڪتابن ۽ رسالن** تي ڪم ٿي چڪو آهي. ❀ سوشل ميڊيا (مثلاً يوٽيوب (*Youtube*) فيسبوڪ (*Facebook*)، انسٽاگرام (*Instagram*) وغيره) تي موجود اڪائونٽس جن تي تقريباً **60.43 ملين** (*Million*)يعني **6 ڪروڙ 43 لک** فالوورز (*Followers*) آهن ❀مدني چينل اردو، انگريزي ۽ بنگلا زبانن ۾، ڪڊز مدني چينل، بزرگن جو مدني چينل ۽ عربي ويب چينل جي ذريعي دين اسلام جي خدمت ڪئي پئي وڃي. ❀ آئي ٽي جي شعبي طرفان هن وقت تائين **35 موبائل ايپليڪيشنز** ۽ **44 اسلامڪ ويب سائيٽس** لانچ ڪيون ويون آهن. ❀ گذريل **12 مهينن** ۾ تقريباً **9 لک 60 هزار** اسلامي ڀائرن قافلن ۾ سفر ڪيو آهي. ❀ ڪورسز جي شعبي تحت هن وقت تائين تقريباً **92 هزار 455 ڪورسَ** ٿيا آهن، جڏهن تہ **19 لک** کان وڌيڪ ماڻهن انهن ڪورسن ۾ شرڪت ڪئي آهي. ❀ هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ وارن جو تعداد تقريباً **6 لک** آهي. ❀ ٽرانسليشن ڊپارٽمينٽ هن وقت تائين **45 زبانن** ۾ **8 هزار** ڪتابن ۽

رسالن جو ترجمو ڪري چڪو آهي. ❀ خدام المساجد ۽ مدارس المدينہ جي تحت تقريباً **7 هزار 243** مسجدن جي تعمير ٿي چڪي آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! اسان مان ڪو بہ اِهي سمورا ڪم اڪيلي سِر نہ ٿو ڪري سگهي، ظاهر آهي تہ گڏجي ئي ڪري سگهجن ٿا. جنهن کي الله پاڪ مال ڏنو آهي، اُهو مال لڳائيندو آهي، جنهن وٽ وقت آهي، اهو وقت ڏيندو آهي، ڪنهن کي ٽيڪنالاجي ۾ مهارت حاصل آهي، اهو پنهنجون مهارتون پيش ڪندو آهي، ائين مِلي جُلي دنيا ۾ دين جو ڪم ٿي رهيو آهي. اسان کي گهرجي تہ اسان بہ ان ۾ پنهنجو حصو شامل ڪريون.

ڏاڍو سنو موقعو آهي، **12 آڪٽوبر** تي اِنْ شَآءَ اللہ الڪريم! ٽيلي ٿون ٽيڻ وارو آهي، جنهن ۾ دعوتِ اسلامي جي سمورن **جائز، ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني، خيرخواهي**، **ڀلائي ۽ آمدني وڌائڻ جي جائز ۽ محفوظ ڪمن ۾ مدد ڪرڻ جي لاءِ** يونٽس جي صورت ۾ چندو گڏ ڪيو ويندو. **10,000 رپين جو هڪ يونٽ آهي.** هڪ يونٽ ڏئي سگهو ٿا تہ هڪ يونٽ ڏيو! **50** يونٽ ڏئي سگهو ٿا تہ **50** يونٽ ڏيو! **1200** يونٽ ڏئي سگهو ٿا تہ **1200** يونٽ ڏيو! اڌ يونٽ ڏئي سگهو ٿا تہ اڌ يونٽ ڏيو! ڪجهہ بہ نہ ٿا ڏئي سگهو تہ پنهنجي خاندان ۾، پنهنجي محلي ۾، پنهنجي دوستن ۾، سيٽاٽپ وارن ۾ جيڪي ڏئي سگهن ٿا، مالدار آهن، انهن کي ترغيب ڏياريو! انهن کان يونٽ گڏ ڪريو! ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان هن نيڪ ڪم ۾ اسان جو حصو شامل ٿي وڃي. اها اسان جي ڀرپور ڪوشش هجڻ گهرجي.

## عطار جي دعا

پيارا اسلامي ڀائرو! ٽيلي ٿون ۾ عطيا ڏيڻ وارن کي اميرِ اهلسنت دَامَت بَرَڪَاتُهمُ العَالِيَہ جن دعا سان پڻ نوازيو آهي، پاڻ هنن لفظن سان دعا عطا فرمائي آهي تہ يا الله پاڪ! جيڪو بہ دعوتِ اسلامي جي لاءِ ۞ پلي 1 يونٽ

ڏئي ۞ يلي اڌ يونٽ ڏئي ۞ يلي چوٿون حصو (چوٿائي) يونٽ ڏئي ۞ 15 يونٽ ڏئي ۞ 115 يونٽ ڏئي ۞ 1500 يونٽس ڏئي، سيني کي انهن جي اخلاص جي مطابق اَجرِ عظيم نصيب فرماءِ، پنهنجو محتاج رک ۽ غير جي محتاجيءَ کان بچاءِ. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## عُلَماءِ ڪِرام جي خدمت ڪريو

حضرت عبدالله بن مبارڪ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه (جيڪي امام اعظم ابو حنيفه رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه جا خاص شاگرد ۽ فقهِ حنفيءَ جي آئمه مان آهن) علم وارن سان خاص طور تي ڀلائي ڪندا هئا. ڪين عرض ڪيو ويو: اوهان سيني سان هڪ جهڙو سلوڪ ڇو نه ٿا ڪريو؟ فرمايائون: مان انبياء عَلَيۡهِمُ السَّلَام ۽ صحابهِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُم کان پوءِ عالمن کان سواءِ ڪنهن جي به مقام کي بلند نه ٿو سمجهان. جيڪڏهن هڪ به عالم جو ڌيان سندس ضرورتن جي ڪري هٽندو ته هو صحيح نموني دين جي خدمت نه ڪري سگهندو ۽ ديني تعليم تي سندس صحيح توجهه نه رهندي. لهٰذا انهن کي علمي خدمت جي لاءِ فارغ ڪرڻ افضل آهي.[(1)]

## اَبُوذَر غفاري رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ جو بهترين اُٺُ

حضرت ابوذرغفاري رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ مديني شريف جي ويجهو هڪ وَسَنديءَ ۾ رهندا هئا. گذر سفر جي لاءِ انهن وٽ ڪجهه اُٺَ ۽ هڪ ڪمزور ڏنار(مال چارڻ وارو) هو. هڪ دفعي قبيلي بنو سليم جي هڪ شخص سندن خدمت ۾ عرض ڪيو: حضور! جيڪڏهن توهان اجازت ڏيو ته مان توهان جي صحبت ۾ رهي توهان کان فيض به حاصل ڪريان ۽ توهان جي ڏنار جو ساٿ به ڏيان. حضرت ابوذر غفاري رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ فرمايو: جيڪڏهن تون مون سان گڏ رهڻ چاهين ٿو ته توکي منهنجي اطاعت ڪرڻي پوندي. عرض ڪيو ويو: حضور! ڪهڙي ڳالهه ۾ اطاعت؟ ارشاد فرمايائون: **جڏهن مان پنهنجي مال مان ڪا شيءِ خدا جي راهه**

---

1... مكاشفة القلوب ،باب فى فضل الصلاة و الزكاة،صفحه:417 ـ

**۾ ڏيڻ جي لاءِ چوان ته توکي سڀ کان بهترين شيءِ ڏيڻي پوندي.** هن ان شرط کي قبول ڪيو ۽ سندن خدمت ۾ رهڻ لڳو. هڪ ڏينهن ڪنهن حضرت ابوذر غفاري رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کي عرض ڪيو ته هتي نديءَ جي ڪناري تي ڪجھ غريب ماڻهو آباد آهن، جيڪڏهن ممڪن هجي ته اوهان انهن جي مدد ڪريو. پاڻ قبيلي بنو سليم جي ان شخص کي سڏيائون، جيڪو سندن خدمت ۾ رهندو هو ۽ ڪيس فرمايائون: هڪ اُٺُ ڪاهي اچ. هو اُنَن واري جاءِ تي پهتو ۽ انهن مان سيني کان بهترين اُٺ چونڊيائين، پر پوءِ سوچيائين ته هي اٺ ته حضرت ابوذر غفاري رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي سواري لاءِ به ڪم ايندو آهي ۽ فرمانبردار به آهي. مقصد ته صرف گوشت ورهائڻ ئي آهي، تنهنڪري ان جي بدران ٻئي نمبر تي بهترين ڏاچي ڪاهي اچي پيش ڪيائين. حضرت ابوذر غفاري رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جڏهن اها ڏاچي ڏٺي ته ان شخص کي فرمايائون: **توهان خيانت ڪئي آهي**. هو فوراً سمجهي ويا ۽ انهيءَ اٺ کي، جيڪو سيني کان بهترين هو، ذبح ڪرڻ جي لاءِ پيش ڪيائين. حضرت ابوذر غفاري رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ان کي ارشاد فرمايو: نديءَ جي ڪناري تي جيترا به گهر آباد آهن، انهن سيني جي ڳڻپ ڪر ۽ منهنجو گهر به انهن ۾ شامل ڪر، پوءِ اٺ کي ذبح ڪري سيني گهرن ۾ هڪ جيترو گوشت پهچاءِ ۽ ان ڳالھ جو خاص خيال رکجانءِ ته منهنجي گهر به اوترو ئي گوشت وڃي ٻين جي مقابلي ۾ هڪ ٻوٽِي به وڌيڪ نه وڃي،

جڏهن اُٺ جو گوشت ورهائجي چڪو ته حضرت ابوذر غفاري رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ان شخص کي پاڻ وٽِ گهرايو ۽ پڇيائون: تنهنجي ۽ اسان جي وچ ۾ الله پاڪ جي راھ ۾ عمدو مال خرچ ڪرڻ جي جيڪا شرط طئي ٿي هئي، ڇا تون ان کي وساري وينو هئين؟ هن عرض ڪيو: حضور! مون وساريو نه هو، مون کي ياد هو ۽ مون پهريان ان ئي بهترين اٺ کي چونڊيو هو، پر پوءِ سوچيم ته هي اوهان جي سواري جو آهي ۽ تمام ڪارآمد به آهي، تنهنڪري صرف اوهان جي ضرورت خاطر ان کي ڇڏي ڏنم. حضرت ابوذر غفاري رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ڪانئس پڇا ڪئي: ڇا واقعي تو صرف منهنجي ضرورت جي خاطر ان اٺ کي ڇڏي ڏنو هو؟ عرض ڪيائين: جي ها حضور! فقط اوهان جي ضرورت جي خاطر اُن اٺ کي ڇڏي ڏنو هو، ان

ڪان سواءِ منهنجو ڪو ٻيو مقصد نہ هو. حضرت ابوذر غفاري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ارشاد فرمايو: ڇا مان توکي پنهنجي ضرورت جو ڏينهن نہ ٻڌايان؟ ٻڌ! منهنجي ضرورت ۽ حاجت جو ڏينهن تہ اهو آهي، جنهن ڏينهن مون کي انڌيري قبر ۾ اڪيلو دفن ڪيو ويندو. باقي رهيو مال، تہ ان جا ٽي حصيدار آهن: **(1): تقدير:** جيڪا مال واپس وٺڻ ۾ ڪنهن جو بہ لحاظ نہ ڪندي آهي. **(2): وارث:** جيڪي تنهنجي مرڻ جو انتظار ڪندا آهن تہ ڪڏهن تو تون مَرين ۽ هو تنهنجي مال تي قبضو ڪري وٺن **(3): ٽيون حصيدار تون پاڻ آهين** (جڏهن تقدير ۽ وارث مال کڻڻ جي معاملي ۾ ڪا بہ رعايت نہ ٿا ڪن، تہ پوءِ تون پنهنجو حصو کڻڻ ۾ پوئتي ڇو ٿو رهين؟ جيترو ٿي سگهي بهتر ڪان بهتر مال خدا جي راهہ ۾ خرچ ڪري پنهنجي آخرت لاءِ جمع ڪري ڇڏ) ايترو فرمائڻ ڪان پوءِ پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ چوٿين سيپاري جي شروعاتي آيت مبارڪ جي تلاوت ڪئي:

| | |
|---|---|
| لَنْ تَنَالُوا الْبِرَّ حَتّٰى تُنْفِقُوْا مِمَّا تُحِبُّوْنَ ۬ۚ (پارو: 4، آلِ عمران: 92) | ترجمو ڪنز العرفان: توهان هرگز ڀلائي کي حاصل نہ ڪري سگهندؤ، جيستائين خدا جي راهہ ۾ پنهنجي پياري شيءِ خرچ نہ ڪيو. |

پوءِ فرمايائون تہ انهيءَ ڪري جيڪو مال مون کي سڀ ڪان وڌيڪ پسند هوندو آهي، ان کي خدا جي راهہ ۾ خرچ ڪري پنهنجي آخرت جي لاءِ جمع ڪندو آهيان. (1)

اي عاشقانِ رسول! حضرت ابوذر غفاري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي ڪيتري نہ شاندار مدني سوچ هئي تہ جيڪو مال سڀ ڪان وڌيڪ پسند هوندو هو، ان کي خدا جي راهہ ۾ خرچ ڪري پنهنجي آخرت جي لاءِ ذخيرو ڪندا هئا. اي ڪاش! اسان جون اکيون کلي وڃن ۽ اسان بہ هن مبارڪ آيت:

| | |
|---|---|
| لَنْ تَنَالُوا الْبِرَّ حَتّٰى تُنْفِقُوْا مِمَّا تُحِبُّوْنَ ۬ۚ (پارو: 4، آلِ عمران: 92) | ترجمو ڪنز العرفان: توهان هرگز ڀلائي کي حاصل نہ ڪري سگهندؤ، جيستائين خدا جي راهہ ۾ پنهنجي پياري شيءِ خرچ نہ ڪيو. |

تي غور ڪرڻ وارا بڻجي وڃون. ياد رکو! خدا جي راهہ ۾ جهڙي شيءِ

1... تاريخ دمشق، جلد: 66، صفحہ:205ملتقطاً.

ڏيندا سين، تهڙو ئي اجر ماڻيندا سين، چوته دنيا آخرت جي پوکَ آهي، جيڪو پوکيندا سين، اهو ئي لڻندا سين. (1)

## پهرين نصيحت

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت ابوذر غفاري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ پنهنجي خدمت ۾ رهڻ واري شخص کي ٽي ڳالهيون ارشاد فرمايون: **(1): پهرين اها ته تقدير مال واپس وٺڻ ۾ ڪنهن جو به لحاظ نه ڪندي آهي.**

واقعي ائين آهي ته تقدير جڏهن چاهيندي آهي ته وڏي فراخ دليءَ سان ڪنهن جو به مال کَسي ڇڏيندي آهي ۽ ائين ڏسندي ئي ڏسندي ماڻهن جون ڪروڙين، اربين رپين جون ڪمپنيون ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيندي آهي. تقدير نه امير ۽ غريب جو لحاظ ڪندي آهي ۽ نه ئي موقعو ۽ محل ڏسندي آهي، اها پنهنجو پورو پورو حصو وٺندي آهي. تقدير جڏهن غالب ايندي آهي ته ڪلندڙ ڪُڏندڙ نوجوان هڪ گهڙِيءَ ۾ موت جو شڪار ٿي ويندو آهي.

## ٻي نصيحت

حضرت ابوذر غفاري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ پنهنجي خدمت ۾ رهڻ واري شخص کي ٻي ڳالهه اها ارشاد فرمائي ته **تنهنجي مال جا ٻيا حصيدار تنهنجا وارث آهن، جيڪي تنهنجي مرڻ جا منتظر هوندا آهن ته تون ڪڏهن ٿو مرين ۽ هو تنهنجي مال تي قبضو ڪري وٺن.**

واقعي اڄڪلهه اهو ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي ته وارثن کي انتظار هوندو آهي ته جيئن ئي پوڙها والدين دم ڏين، اسان انهن جي مال ۽ اسباب تي قبضو ڪري وٺون. ٻانهو سڄي زندگي مال گڏ ڪندو رهندو آهي، پر ڪيس خبر نه هوندي آهي ته سندس انتقال کان پوءِ وارث ان جي مال سان ڪهڙو سلوڪ ڪندا؟ ڪڏهن ڪڏهن ته وارث ميت جي مال مان ناجائز ڪاروبار به شروع ڪري ڇڏيندا آهن.

1... فيض القدير ، جلد:3، صفحه:728،زيرِ حديث:4273 ملخصاً.

# ٽِين نصيحت

حضرت ابوذر غفاري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ پنهنجي خدمت ۾ رهڻ واري شخص کي ٽين ڳالهه اها ارشاد فرمائي ته **تنهنجي مال جو ٽيون حصيدار تون پاڻ آهين.** (يعني جڏهن تقدير ۽ وارث مال کڻڻ جي معاملي ۾ ڪا رعايت نه ٿا ڪن ته پوءِ تون پنهنجو حصو کڻڻ ۾ ڇو ٿو پوئتي رهين؟ جيترو ٿي سگهي بهتر کان بهتر مال خدا جي راهه ۾ ڏئي پنهنجي آخرت لاءِ جمع ڪري ڇڏ).

## دين جي مالي خدمت ضرور ڪيو!

سيپارو: **2**، سورت بقره، آيت: **245** ۾ ارشاد فرمايو ويو آهي:

| | |
|---|---|
| مَنۡ ذَا الَّذِیۡ یُقۡرِضُ اللّٰہَ قَرۡضًا حَسَنًا فَیُضٰعِفَہٗ لَہٗۤ اَضۡعَافًا کَثِیۡرَۃً ؕ | ترجموڪنزالعرفان: آهي ڪو جيڪو الله کي چڱو قرض ڏي، ته الله ان لاءِ ان قرض کي تمام گهڻو وڌائي. |

سُبْحٰنَ اللّٰہ! ڪيڏي نه پياري ڳالهه آهي! مال ڏنل ڪنهن جو آهي؟ الله پاڪ جو. سرڪار غوث اعظم رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: اَنْتُمْ وُکَلَاءُ عَلٰی هٰذِهِ الْاَمْوَال يعني توهان هن مال جا وڪيل آهيو. (1)

مثال طور اسان ڪنهن کي **200** رپيا ڏيون ۽ ڪيس چئون ته بازار مان فلاڻي شيءِ وٺي اچ! ته اهو شخص جنهن کي اسان پئسا ڏنا آهن، اهو **200** روپين جو مالڪ نه آهي، پر وڪيل آهي، فقط اهائي شيءِ آڻي سگهي ٿو، جيڪا اسان چئي آهي. اهڙي طرح اسان سيئي هن دنيا ۾ مال ۽ دولت جا مالڪ نه آهيون، پر وڪيل آهيون. اصل مالڪ الله پاڪ آهي. وڪيل کان جيڪو مال واپس ورتو ويندو آهي، اهو قرض نه هوندو آهي، اها ته مالڪ جي شيءِ هوندي آهي، جيڪا ڪيس واپس موٽائي ڏني ويندي آهي. پر الله پاڪ جي عنايت، سندس رحمت ۽ ذره نوازي ڏسو! ارشاد فرمايو ويو:

---

1... جَلَاء الخَوَاطِر، مجلس:حقوق الفقراء، صفحه:110-

مَنۡ ذَا الَّذِیۡ یُقۡرِضُ اللّٰہَ قَرۡضًا حَسَنًا | ترجمو ڪنزالعرفان: آهي ڪو جيڪو الله کي چڱو قرض ڏي.

**علماءِ فرمائن ٿا:** هن جاءِ تي خدا جي راهه ۾ اخلاص سان مال خرچ ڪرڻ کي قرض سان تعبير ڪيو ويو آهي، ان مان اها ڳالهه دل ۾ ويهارڻ مقصود آهي ته جيئن قرض ڏيڻ واري کي اطمينان هوندو آهي ته سندس مال ضايع نه ٿيندو ۽ هو ان جي واپسي جو مستحق آهي، تيئن ئي خدا جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ واري کي اطمينان رکڻ گهرجي ته هو ان خرچ جو عيوض يقيناً حاصل ڪندو، ۽ اهو به معمولي نه، پر: (1)

فَیُضٰعِفَہٗ لَہٗۤ اَضۡعَافًا کَثِیۡرَۃً ؕ | ترجمو ڪنز العرفان: ته الله ان لاءِ ان قرض کي تمام گهڻو وڌائي.

## هڪ جي عيوَض ۾ 20 لک

حضرت عثمان نَهدي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ تابعي بزرگ آهن، انهن کي ڪنهن ٻڌايو ته حضرت ابو هريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا ته مومن ٻانهي کي هڪ نيڪي جي بدلي ۾ 10 لک نيڪيون ملنديون (يعني جيڪڏهن هڪ رپيو خدا جي راهه ۾ صدقو ڪيو وڃي ته ثواب ۾ اهو 10 لک دفعا هوندو.) حضرت عثمان نهدي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ مديني منوره ۾ حاضر ٿيا ۽ حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کان پڇيائون: ڇا توهان اهو ارشاد فرمايو آهي؟ حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ فرمايو: مون ائين نه چيو هو، مون ته چيو هو: الله پاڪ مومن ٻانهي کي هڪ نيڪي جي بدلي ۾ 20 لک دفعا عطا فرمائيندو آهي. (2)

سُبۡحٰنَ اللّٰہ! الله پاڪ جي ڪيڏي نه ڪرم نوازي آهي، مال به هُن جو، ڏنو به هُن، جيڪڏهن اسان سندس راهه ۾ خرچ ڪريون ته مال به محفوظ ۽ ثواب به اهڙو جيڪو ڳڻپ ۽ شمار ۾ به نه اچي سگهي.

---

1... صراط الجنان،پاره :2، سورۂ بقره،زيرِ آيت :245، جلد:1، صفحه:367-

2... رُوۡحُ الۡمَعَانِی، پاره:2، سورۂ بقره، زيرِ آيت :245، جز:2، جلد:1، صفحه:757 ملتقطاً-

هن حديث پاڪ جي شرح ۾ مشهور مفسر قرآن مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: يعني روزانو فرشتن جي زبان مان سخي جي حق ۾ ۽ ڪنجوس جي خلاف دعا نڪرندي آهي، جيڪا يقيناً قبول آهي.[1]

## صدقو ڪرڻ جون فضيلتون ۽ ثواب

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي دين جي مالي خدمت ضرور ڪرڻ گهرجي: ۞ صدقو ۽ خيرات ڪرڻ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي عظيم سنت آهي، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي جُود ۽ سخا واري در تان ڪو به سوالي خالي هٿين واپس نه ويندو هو.[2] ۞ صدقو گناهن کي ائين مٽائيندو آهي، جيئن پاڻي باهه کي وِسائيندو آهي.[3] ۞ صدقو جهنم جي باهه کان بچائيندو آهي، حديث پاڪ ۾ آهي ته جيڪو الله پاڪ جي رضا جي خاطر صدقو ڪندو آهي ته اهو صدقو ان جي ۽ باهه جي وچ ۾ پردو بڻجي ويندو آهي.[4] ۞ صدقو الله پاڪ جي غضب کي ختم ڪندو آهي ۽ بُري موت کي دفع (يعني پري) ڪندو آهي.[5] ۞ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم صدقو ڏيڻ ۾ جلدي ڪندا ڪريو ڇاڪاڻ ته بلا صدقي کي نه ورانگهيندي آهي.[6] ۞ صدقو ڏيڻ وارو قيامت جي ڏينهن پنهنجي صدقي جي ڇانوَ ۾ هوندو.[7] ۞ صدقو بُرائيءَ جا 70 دروازا بند ڪندو آهي.[8] ۞ صدقو قبر جي گرميءَ کان بچائيندو آهي.[9] ۞ مسلمان جو صدقو سندس عمر وڌائيندو آهي.[10] ۞ الله پاڪ صدقي جي

---

1... مرآة المناجيح، جلد:3 ،صفحه:69بتصرف۔
2... فيضانِ سخى سرور،صفحه:6۔
3... ابنِ ماجه ، كتاب الفتن ،باب كف اللسان فى الفتنه ،صفحه:649 ، حديث:3973 ملتقطاً۔
4... معجمِ كبير،جلد:10 ،صفحه:409 ،حديث:20584۔
5... ترمذى، كتاب الزكاة، باب ما جاء فى فضل الصدقه،صفحه:189،حديث:664 ۔
6... مشكاة المصابيح، كتاب الزكاة، باب الانفاق وكراهيه ...الخ،جز:1 ،جلد:1 ،صفحه:359 ،حديث:1887۔
7... سننِ كبرى للبيهقى،كتاب الزكاة ، باب التحريض على...الخ ،جلد:4 ،صفحه:379 ،حديث:7751۔
8... معجمِ كبير،جلد:3 ،صفحه:148 ،حديث:4276۔
9... شُعَبُ الْاِيمان،جلد:3 ،صفحه:212 ،حديث:3347۔
10... معجمِ كَبير ،جلد:6 ،صفحه:440،حديث:13508۔

برڪت سان تڪبر کي دور ڪندو آهي.[1] ۞ صدقو **70** قسمن جي بلائن کي روڪيندو آهي، جن مان ننڍي ۾ ننڍي بلا جسم جو بگڙڻ ۽ اڇا داغ آهن[2].

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم : هفتيوار اجتماع

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪيون ڪرڻ، نيڪين جو جذبو حاصل ڪرڻ ۽ پاڻ کي گناهن کان بچائڻ جو ذهن حاصل ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو. **12** ديني ڪمن ۾ به حصو ونو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْڪَرِيۡم! ان جون خوب برڪتون نصيب ٿينديون. **12** ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: **هفتيوار اجتماع** به آهي.

**توهان کي التجا آهي** ته هفتيوار اجتماع ۾ پابنديءَ سان شرڪت ڪندا ڪريو! ۞ ديني اجتماع ۾ ويهڻ ۽ ذڪر ڪرڻ وارن جو پنهنجو ته ڪهڙو نه اعليٰ شان هوندو! جو حديث پاڪ جي مطابق جيڪو سندن پاسي ۾ به ويهندو آهي، اهو به بدبخت نه رهندو آهي.

الحمدلله! هفتيوار اجتماع ۾ ذڪر ٿيندو آهي ۞ علمِ دين سکڻ جو موقعو ملندو آهي ۞ نيڪ صحبت ۾ ويهڻ ۞ ۽ مسجد ۾ وقت گذارڻ نصيب ٿيندو آهي ۞ هڪ اهم برڪت اها ته ديني اجتماع جي لاءِ وڃڻ به خدا جي راهه ۾ نڪرڻ آهي، هفتيوار اجتماع ۾ تشريف کڻي ايندا ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْڪَرِيۡم! گهر مان نڪرڻ کان واپس موٽڻ تائين سڄو وقت خدا جي راهه ۾ شمار ٿيندو. هر خميس يعني جمعي جي رات پابنديءَ سان **هفتيوار اجتماع** ۾ شروع کان آخر تائين

---

1... معجم کبير،جلد:6، صفحه:440، حديث:13508۔

2... کنز العمال، کتا ب الزکاة،الباب الثانی فی السخاء ...الخ،جزء:6، جلد:3،صفحه:148، حديث:15978 ۔

شريڪ ٿيڻ جي نيت ڪري ونو! اچو ته ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ جي لذت

هڪ اسلامي ڀاءُ جي خط جو خلاصو آهي ته منهنجو تعلق بدمذهب گهراڻي سان هو. دعوتِ اسلامي سان منسلڪ ٿيڻ جي سعادت هن طرح نصيب ٿي جو هڪ دفعي دعوتِ اسلامي جي هڪ عاشقِ رسول اسلامي ڀاءُ سان ملاقات ٿي. هنن مون کي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي دعوت پيش ڪئي، جنهن کي مون نه چاهيندي به قبول ڪري ورتو. جڏهن مان اجتماع ۾ شريڪ ٿيس ته اتي ٿيڻ واري پرسوز بيان ۽ رقت انگيز دعا منهنجي دل ۾ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو، جنهن سبب مون کي دِلي سڪون حاصل ٿيو. بس پوءِ ته اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ منهنجو معمول بڻجي ويو. گهر وارن کي خبر پئي ته هنن رڪاوٽون وجهڻ شروع ڪيون. پر الله پاڪ جي عطا ڪيل توفيق سان مان ڪنهن نه ڪنهن طرح اجتماع ۾ پهچي ئي ويندو هئس. هاڻي منهنجو نيڪيون ڪرڻ جو جذبو ڏينهون ڏينهن وڌندو پئي ويو. منهنجي اخلاق ۾ بهتري اچڻ شروع ٿي وئي، گهر وارن جڏهن منهنجي اخلاق ۽ ڪردار ۾ اچڻ واري تبديلي ڏٺي ته آهستي آهستي هنن به نرمي ڪرڻ شروع ڪئي. اَلحمدُلِلّٰه! اجتماع جي برڪت سان صحيح عقيدا اختيار ڪرڻ، مٿي تي عمامو شريف سجائڻ ۽ سنت جي مطابق ڏاڙهي رکڻ جي سعادت نصيب ٿي وئي.

تِرا شکر مولا دیا دینی ماحول | نہ چھوٹے کبھی بھی خدا دینی ماحول
سلامت رہے یاخدا دینی ماحول | بچے بد نظر سے سدا دینی ماحول

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## المدينه آن لائن لائبريري

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي جو آئي ٽي ڊپارٽمينٽ ڏينهون ڏينهن اسان کي علمِ دين سکڻ جا آسان وسيلا فراهم ڪرڻ ۾

مصروف آهي. سوين ڪتابن ۽ رسالن تي مشتمل ”المدينہ آن لائن لائبريري“ جيڪا پهرين صرف ڊيسڪ ٽاپ ورزن (Desktop version) ۾ هئي، هاڻي ويب ورزن (Web version) ۾ لائيو (Live) ڪري ڇڏي وئي آهي.

المدينہ آن لائين لائبريري ۾ مڪتبة المدينہ جا مختلف موضوعن (مثال طور: قرآن و سُنّت، عقائدِ اسلام، فقہ ۽ فتاويٰ، اسلامي تعليمات، اخلاق ۽ آداب، سيرتِ رسولِ عربي، سيرتِ امهاتُ المؤمنين، سيرتِ صحابہ ۽ صحابيات، سيرتِ اوليائِ ڪرام، سيرتِ اميرِ اهلسنت، ملفوظاتِ اميرِ اهلسنت ۽ فيضانِ مدني مذاڪره، اوراد ۽ وَظائف ۽ نعتيہ ڪلام وغيره) تي ٻڌل ڪتاب ۽ رسالا موجود آهن.

المدينہ آن لائن لائبريري مان فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ وزٽ ڪريو.

***www.dawateislami.net/bookslibrary***

## ڪجھ ضروري اعلانَ

❀ هر ڇنڇر تي امير اهلسنت مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي **لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو** فرمائيندا آهن، اينڌڙ ڇنڇر تي بہ مدني چينل تي رات جو **8:30** بجي اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخ طريقت، امير اهلسنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب بہ عنايت فرمائيندا. سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين.

❀ شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه يا خليفءِ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ يا ٻڌڻ جي ترغيب بہ ارشاد فرمائيندا آهن، اينڌڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي **نورالعرفان (قسط 7)** جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو

۽ جيڪي سوشل ميڊيا جهڙوڪ واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، اهي رضاءِ الٰهي ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان هي رسالو ٻين سان به شيئر (*Share*) ڪريو!

✿ غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي سيرت ۽ حالاتِ مبارڪ تي مشتمل امير اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہ جي بيانن جو حسين مجموعو **شانِ غوثِ اعظم** رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ ڪتابي صورت ۾ مڪتبة المدينہ تي پهچي چڪو آهي. هي ڪتاب مڪتبة المدينہ جي ڪنهن به شاخ تان **160 رپين** ۾ قيمتاً طلب ڪريو، پاڻ به مطالعو ڪريو! ۽ ٻين کي به ان جي دعوت ڏيو!

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سنت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگيءَ جا ڪجھ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدارِ رسالت، شهنشاھ نبوت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنۡ اَحَبَّ سُنَّتِیۡ فَقَدۡ اَحَبَّنِیۡ وَمَنۡ اَحَبَّنِیۡ کَانَ مَعِیَ فِی الۡجَنَّۃِ جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي، اُن مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. [1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## حِلم (قُوَتِ برداشت) سنتِ مصطفيٰ آهي

**2 فرامينِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **(1):** حِلم وارو دنيا ۾ به سردار آهي ۽ آخرت ۾ به سردار آهي. [2] **(2):** حِلم جي ذريعي ٻانهو ڏينهن جو روزو رکڻ ۽ رات جو قيام (يعني عبادت) ڪرڻ واري جهڙو درجو حاصل ڪري وٺندو آهي. [3]

---

1... تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔
2... جامع صغير، صفحہ:233،حديث:3831۔
3... مَجۡمَعُ الزَّوائِد، كتابُ الْاَدب، باب حُسْنِ اَخْلاق كے بيان ميں، جلد:8، صفحہ:19، حديث:12687۔

اي عاشقانِ رسول! حِلم سنتِ مصطفيٰ آهي. ۞ اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن به اجايو ڪاوڙ جو اظهار نه فرمايو ۞ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي ذات جي متعلق ڪنهن کان به انتقام نه ورتندا هئا ۞ اڳين آسماني ڪتابن ۾ سندن هي وصف به بيان ٿيو آهي ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان جيترو جهالت وارو سلوڪ ڪيو ويندو، اوترو ئي سندن حِلم وڌندو ويندو. (1)

**حِلم جي باري ۾ مدني گُلَ:** ۞ حلم الله پاڪ جي صفت آهي ۞ حِلم الله پاڪ جو پسنديده وصف آهي ۞ حِلم نبين جي سنت آهي ۞ حِلم جو مطلب آهي: **آهستگي، بردباري (نرم مزاجي).**

امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: تحمل (يعني بردباري) غصو پيئڻ کان افضل آهي، ڇوته غصو پيئڻ جي ضرورت ان کي هوندي آهي، جنهن جو غصو سخت ٿي وڃي، جڏهن ته حِلم واري کي غصي ۾ جوش ايندو ئي نه آهي. (2) ۞ حِلم سان بزرگي ملندي آهي.

**حَلِيم بڻجڻ جا طريقا:** ۞ حِلم تَڪَلُّفَ سان ايندو آهي (يعني پانهو ڪوشش سان، تَڪَلُّفَ ڪري غصو پيئندو رهي، آهستي آهستي طبيعت ۾ حِلم پيدا ٿي ويندو) ۞ عمامو ٻڌڻ سان حِلم وڌندو آهي ۞ ٻَڪريون چارڻ سان به طبيعت ۾ حِلم پيدا ٿيندو آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّى اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جو شايع ٿيل **بهارشريعت** جلد: 3 مان حصو **16** ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس قادري** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو **91** صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن پريو سفر ڪرڻ به آهي.

---

1... صراط الجنان، جلد:2، صفحه:79-

2...اِحْيَاء العلوم مترجم، جلد:3، صفحه:535-

سنتیں سیکھنے تین دِن کے لیے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(1)

### ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.(2)

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا
2... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(1)

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(2)

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.(3)

---

1... القول البديع، الباب الثانی، ص277
2... افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149
3... القول البديع، الباب الاول، ص3125

## ﴾6﴿ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. (1)

## ﴾1﴿ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. (2)

## ﴾2﴿ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (3)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

---

1... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31
2... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305
3... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455